# حضرتِ آدم عليه السّلام

## جي باري ۾ دلچسپ معلومات

سنڌي

پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ دلچسپ معلومات

ڇاپو پهريون: جمادي الاولي 1443هه جنوري 2022ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو رسالو

# حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ دلچسپ معلومات

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي باري ۾ دلچسپ معلومات.............. 1
دعاءِعطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
سڀ کان پهريون انسان ۽ سڀ کان پهريون رسول................. 2
الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ................. 3
سنت جي ٽن حرفن جي نسبت سان مشوري جي باري ۾ ٽي فرامينِ
مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ................................ 4
حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيدائش ........................... 4
ڪيترن قسمن جون مٽيون هيون ........................... 6
حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي آدم ڇو چوندا آهن؟ ...................... 6
آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڪنيت ................................ 6
زمين ۾ چشما ڪيئن جاري ٿيا؟............................ 7
ميت کي خوشبو ڇو لڳائيندا آهن؟ ......................... 7
انسان جي زندگي ۾ خوشيون گهٽ ۽ غم وڌيڪ ڇو؟ .............. 8
ڪارڪون، انگور ۽ ڏاڙهون جي پيدائش ........................ 8
حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مبارڪ صورت........................ 8
ابليس لعين جي بد نصيبي ............................. 9
مشهور غلط فهمي ................................ 10
ڪتي جي آدم جي اولاد سان محبت جو سبب ................. 10

جمعي کي جمعي چوڻ جو سبب ........................... 11
انسان جي جسم مان رُوح نڪرڻ وقت تڪليف ڇو ٿيندي آهي؟ ....... 12
سڀ کان پهريان ڇِڪَ ڪنهن کي آئي ........................ 13
سلام جون برڪتون ................................ 14
ڪن ۽ نڪ ۾ قدرت جا ڪرشما ........................... 14
ڪير فرمانبرداري ڪندو آهي ........................... 15
حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جو قد مبارڪ ........................ 16
سڀ کان افضل مخلوق ................................. 17
جنتي ۽ جهنمي ................................. 18
حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جو حسن! ........................... 19
ڇا انسان پهرين پولڙو هو؟ ............................ 19
تخليق انساني جي حوالي سان درست ۽ اسلامي عقيدو .......... 20

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي باري ۾ دلچسپ معلومات

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ سترهن صفحن جي رسالي "حضرت آدم عليہ السَّلام جي باري ۾ دلچسپ معلومات" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي حضرت آدم عليہ السَّلام جي فيض سان مالا مال فرماءِ ۽ ان سان هميشہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جڏهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام مان حضرتِ بي بي حوّا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا کي پيدا فرمايو تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام اُن ڏانهن محبت جو هٿ وڌائڻ جو ارادو ڪيو تہ ملائڪن عرض ڪيو! اي آدم عَلَيۡهِ السَّلَام رڪجي وڃو، پهريان هن جو مهر ادا ڪيو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: اِن جو مهر ڇا آهي؟ ملائڪن عرض ڪيو: هن جو مهر هي آهي تہ توهان اسان جي سردار محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٽي يا ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهو، جيئن تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام درود پڙهيو ۽ ملائڪن جي گواهيءَ سان پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جو نڪاح حضرت بي بي حوّا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا سان ٿي ويو، انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر موجود شيءِ لاءِ وسيلو آهن

ايسيتائين جو پنهنجي والد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو بہ وسيلو آهن.
(تفسيرصاوی،پ 5،النساء،تحت الآیۃ:1،2/ 355، شرح الزرقانی علی المواہب،101/1ماخوذا)

حوا سے جب آدم کا عہد مہر دُرود ہوا
آدم سے وہ نورِ خدا زوجہ کو تفویض ہوا

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰه اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان پهريون انسان ۽ سڀ کان پهريون رسول

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه ڪريم زمين ۽ آسمان بڻائڻ کان پهريان ملائڪن کي پيدا فرمايو پوءِ جنّات کي باهہ جي شعلي مان پيدا ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ انسان کي پيدا ڪيو ويو. سڀ کان پهريون انسان اللّٰه پاڪ جا پيارا پيارا نبي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام آهن ۽ پاڻ پهريان رسول بہ آهن جيڪي شريعت کڻي پنهنجي اولاد ڏانهن موڪليا ويا، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي اَوَّلُ الرُّسُل انهيءَ ڪري چيو ويندو آهي جو پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڪفر ۽ شرڪ پکڙجڻ کان پوءِ سڀ کان پهريان مخلوق جي هدايت لاءِ موڪليا ويا. (نزهۃ القاری،52/5مفهوما) حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام پهريان خليفۃُ اللّٰه بہ آهن جيئن سورۃ البقرۃ آيت نمبر 30 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓىٕكَةِ اِنِّیْ جَاعِلٌ فِی الْاَرْضِ خَلِیْفَةً | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي فرمايو: آءُ زمين ۾ پنهنجو نائب بڻائڻ وارو آهيان. |

انهيءَ آيت جي تفسير ۾ آهي: خليفو انهيءَ کي چوندا آهن جيڪو احڪام جاري ڪرڻ ۽ ٻين اختيارن ۾ اصل جو نائب هوندو آهي. جيتوڻيڪ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام الله پاڪ جا خليفا آهن پر هتي خليفي مان مراد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام آهن ۽ ملائڪن کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي خلافت جي خبر انهيءَ ڪري ڏني وئي جو هو سندن جي خليفي ناهيو وڃڻ جي حڪمت معلوم ڪن ۽ اُنهن تي خليفي جي عظمت ۽ شان ظاهر ٿئي ته اُنهن کي پيدائش کان پهريان ئي خليفي جو لقب عطا ڪيو ويو آهي ۽ آسمان وارن کي اُن جي پيدائش جي خوشخبري ڏني وئي. (تفسيرصراط الجنان ،پ1،البقرة : تحت الآية:1،96/30)

## الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت

اي عاشقان رسول! الله ڪريم هن ڪان پاڪ آهي جو انهيءَ کي ڪنهن جي مشوري جي ضرورت هجي البت هتي خليفي بڻائڻ جي خبر ملائڪن کي ظاهري طور تي مشوري جي انداز ۾ ڏني وئي. هِن مان اشاري طور معلوم ٿئي ٿو ته ڪو اهم ڪم ڪرڻ کان پهرين پنهنجي ماتحت افرادن سان مشورو ڪيو وڃي ته جيئن اُن ڪم جي متعلق انهن جي ذهن ۾ ڪا ڳالهه هجي ته اُن جو حل ٿي سگهي يا ڪا اهڙي مفيد راءِ ملي وڃي جنهن سان اهو ڪم اجان بهتر انداز سان ٿي وڃي. الله پاڪ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي به صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم سان مشورو ڪرڻ جو قرآنِ ڪريم ۾ حڪم ارشاد فرمايو، بيشڪ الله پاڪ کي ملائڪن ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي اصحاب سڳورن سان مشوري جي حاجت ناهي، پر مشوري

ڪرڻ جو فرمائڻ اُمّت جي تعليم لاءِ آهي تہ جيئن امّت بہ هِن سنّت تي عمل ڪري، حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ جڏهن هي آيت مبارڪ وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ (پ4،آلِ عمران:159) ترجمو كنزالعرفان "۽ ڪمن ۾ انهن کان مشورو وٺندا رهو" نازل ٿي تہ نبي رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ الله پاڪ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مشوري کان مستغني (بي پرواھ) آهن پر الله پاڪ مشوري کي منهنجي اُمت جي لاءِ رحمت بڻائي ڇڏيو آهي.
(شعب الايمان،76/6، حديث:7542)

## سنت جي ٽن حرفن جي نسبت سان مشوري جي باري ۾ ٽي فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ جيڪو شخص ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ۽ اُن ۾ ڪنهن مسلمان سان مشورو ڪري الله پاڪ ان کي درست ڪم جي هدايت ڏئي ڇڏيندو آهي. (تفسير درمنثور، 357/7 )

﴿2﴾ جنهن مشورو ڪيو اهو نادم (يعني شرمندو) نہ ٿيندو. (معجم اوسط،77/5، حديث:6627)

﴿3﴾ جيڪو پانهو مشورو وٺي اهو ڪڏهن بدبخت ناهي ٿيندو ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي راءِ ۾ ٻين جي مشوري کان مستغني (بي پرواھ) هجي اهو ڪڏهن نيڪ بخت ناهي ٿيندو. ( تفسيرقرطبي، پ 4،آل عمران، تحت الاية:159، 193/2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي بغير ماءُ پيءُ جي مٽيءِ مان پيدا فرمايو، سندن پيدائش جو واقعو ڪجھ هيئن آهي ته الله پاڪ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ارشاد فرمايو ته زمين مان هڪ مٺ مٽيءَ جي کڻي اچ، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام زمين مان مٽي کڻڻ چاهي ته زمين انهيءَ جو سبب پڇيو. پاڻ سچو واقعو بيان ڪيو، انهيءَ تي زمين چوڻ لڳي مان خدا جي پناھ گهران ٿي، انهيءَ ڳالھ تي تہ مون مان ڪجھ گهٽ ڪيو وڃي يا منهنجي ڪا شيءِ خراب ڪئي وڃي، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام مٽي کڻڻ کانسواءِ واپس موٽي آيا ۽ عرض ڪيو: اي منهنجا رب ! زمين تنهنجي پناھ گهري تہ مان تنهنجي نالي مبارڪ ۽ تنهنجي عزّت جو ادب ڪندي واپس موٽي آيس ۽ انهيءَ کي پناھ ڏني، پوءِ الله پاڪ حضرت ميڪائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو انهيءَ بہ ان کي پناھ ڏني ۽ بارگاھ الٰهي ۾ اهو ئي عرض ڪيو جيڪو حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو هو، پوءِ الله پاڪ حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو اهي بہ انهيءَ طرح واپس اچي ويا، پوءِ حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو جڏهن زمين اُن کان پناھ گهري تہ انهن فرمايو: مان اُن ڳالھ کان الله پاڪ جي پناھ ٿو گهران جو اُن جي حڪم تي عمل ڪرڻ کانسواءِ واپس هليو وڃان. انهن زمين مان مٽي کڻي ورتي تہ الله پاڪ روح قبض ڪرڻ جو ڪم بہ انهن جي سپرد ڪري ڇڏيو تہ توئي انهيءَ مٽيءَ کي زمين کان الڳ ڪيو آهي، تون ئي ان کي ملائجان ۽ اُن جو نالو مَلَڪُ الموت يعني موت جو فرشتو رکيو ويو. (تفسير نعيمى،پ 1، البقرة ،تحت الآية:30، 1/ 225 ،تفسيرِ عزيزى ،جلد336/1)

## ڪيترن قسمن جون مٽيون هيون

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: الله پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي هڪ مٺ (مٽيءَ) مان پيدا ڪيو جيڪا تمام روءِ زمين مان ڪنئي وئي تنهنڪري آدم جو اولاد زمين جي اندازي تي آيو، انهن ۾ ڳاڙها، اڇا، ڪارا ۽ وچولا، نرم ۽ سخت، پليد ۽ پاڪ آهن، (ترمذی،444/4، حديث:2965) ڪجهه حضرات فرمايو ته حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مٽي ۾ 60 قسم جا رنگ شامل هئا اهي سڀ سندن اولاد ۾ پاتا وڃن ٿا.
(تفسيرصاوی،البقرة،تحت الآية:30، 48/1)

## حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي آدم ڇو چوندا آهن؟

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا ارشاد فرمايو : بيشڪ الله پاڪ آدم کي جمعي جي ڏينهن عصر کان پوءِ پيدا فرمايو ۽ پاڻ کي اَدِيۡمُ الۡاَرۡض يعني ظاهري زمين جي هڪ مٺ مٽي مان پيدا فرمايو انهيءَ ڪري پاڻ کي آدم چوندا آهن. (تاريخ ابن عساکر،375/7) ۽ سندن جي اولاد کي آدمي يعني آدم وارا چوندا آهن.

## آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڪنيت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام چو ته سڀني انسانن جا پيءُ آهن انهيءَ ڪري سندن هڪ ڪنيت اَبُوالۡبَشَر يعني تمام انسانن جو والد آهي، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي هڪ ڪنيت ابومحمد به آهي، ۽ جنت ۾ به اها ڪنيت سندن جي هوندي جيئن حديث پاڪ ۾ آهي

تہ جنت ۾ ڪنهن جي ڪنيت نہ هوندي سواءِ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي، ۽ سندن عزّت ۽ تعظيم جي لاءِ جنت ۾ ڪنيت ابومحمد هوندي. (تاريخ ابن عساڪر،جلد388/7)

## زمين ۾ چشما ڪيئن جاري ٿيا؟

هڪ روايت ۾ آهي تہ جڏهن اللہ پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمائڻ جو ارادو فرمايو تہ زمين کي فرمايو: مان تو مان هڪ مخلوق پيدا فرمائڻ لڳو آهيان تہ جنهن منهنجي فرمانبرداري ڪئي ان کي مان جنت ۾ داخل ڪندس ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي ان کي مان جهنم ۾ وجهي ڇڏيندس تہ زمين عرض ڪيو: اي منهنجا رب! ڇا تُو مون مان اهڙي مخلوق کي پيدا فرمائيندين جيڪا جهنم ۾ ويندي تہ اللہ پاڪ ارشاد فرمايو: ها، انهيءَ تي زمين ايتري قدر رُني جو چشما جاري ٿي ويا ۽ قيامت تائين جاري رهندا.
(تفسيرصاوی،البقرة،تحت الاية:30، 49/1)

## ميت کي خوشبو ڇو لڳائيندا آهن؟

اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ زمين عرض ڪيو: يااللہ پاڪ! مون مان مٽي کڻڻ سان منهنجي مٽي گهٽ ٿي وئي آهي، اللہ پاڪ ارشاد فرمايو: گهبراءِ نہ (جڏهن کو انسان) تو ۾ واپس ايندو تہ پهريان کان وڌيڪ حسين ۽ خوشبودار هوندو اهو ئي سبب آهي جو مڙدي کي عطر ۽ مشڪ سان خوشبودار ڪيو ويندو آهي.
(تفسيرروح البيان، پ1،البقرة،تحت الآية:31، 98/1)

## انسان جي زندگي ۾ خوشيون گهٽ ۽ غم وڌيڪ ڇو؟

الله پاڪ جي حڪم سان جڏهن زمين مان مٽي جمع ڪئي وئي ته الله پاڪ حڪم ارشاد فرمايو ته هن کي اُتي رکو جتي هاڻي ڪعبو شريف آهي پوءِ فرشتن کي حڪم ٿيو ته هِن مٽيءَ جو مختلف پاڻين مان گارو بڻايو، پوءِ ان تي چاليهه ڏينهن بارش وسي 39 ڏينهن غم جي ۽ هڪ ڏينهن خوشي جي، انهيءَ ڪري انسان جي زندگي ۾ خوشي گهٽ ۽ غم وڌيڪ آهن. (تفسير نعيمى،پ 1،البقرة،تحت الآية:30، 1/ 225)

## ڪارڪون، اَنگورَ ۽ ڏاڙهون جي پيدائش

حضرتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو خمير جنهن مٽي مان تيار ٿيو ان مان بچي ويندڙ مٽي شريف مان ڪجي جو وڻ بڻايو ويو جيئن ته مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرتِ موليٰ علي شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڪارڪن جو احترام ڪيو ڇو ته هي توهان جي والد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي بچل مٽي مان پيدا ڪئي وئي آهي“ ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته ڪارڪ، ڏاڙهون، ۽ اَنگور کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي بچيل مٽي مان پيدا ڪيو ويو آهي.
(فيض القدير،3/600،تحت الحديث:3937)

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ صورت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ وجود جو گارو بڻايو ويو ته ان کي هوائن جي ذريعي ايترو خشڪ ڪيو ويو جو هو وڄندڙ مٽي جي طرح ٿي ويو جيئن ٺڪري، پوءِ فرشتن کي حڪم اِرشاد فرمايو ته هن کي ميدانِ عرفات وٽ واديءِ

نعمان ۾ رکي ڇڏيو ان کان پوءِ اللّٰه پاڪ پنهنجي دست قدرت سان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو وجود ٺاهيو ملائڪن پهريان ڪڏهن اهڙي خوبصورت شڪل ۾ صورت نه ڏٺي هئي تنهنڪري حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو مبارڪ وجود ڏسي ڪري هو تمام گهڻو حيران ٿيا ۽ ان جي ارد گرد تعجب سان ڏسندا رهيا.
(تفسير نعيمى،پ 1،البقرة،تحت الآية:30، 226/1مفهوما)

## ابليس لعين جي بد نصيبي

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي روايت ۾ آهي، حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن اللّٰه پاڪ جنت ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي صورت ٺاهي ته جيستائين انهيءَ حالت ۾ رکڻ چاهيو ته انهيءَ کي ڇڏي ڏنو، ابليس انهيءَ جي ارد گرد چڪر ڏيڻ لڳو، اهو ڏسندو هو ته هي ڪهڙي شيءِ آهي ته جڏهن ان سندن کي خالي پيٽ ڏٺو ته سمجهي ويو ته هي اهڙي مخلوق پيدا ڪئي وئي آهي جيڪا پنهنجي مٿان قابو نه رکندي (يعني هي مخلوق غصي ۽ شهوت جي وقت پنهنجي نفس تي قابو نه رکندي ۽ شيطاني وسوسن کي آساني سان پري نه ڪري سگهندي) (مسلم، ص1079، حديث:6649) ( شرح السيوطى على مسلم، 538/5،تحت الحديث:2611) هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ وجود کي ڏسي ڪري ابليس هي به چيو: ها، هِن جي سيني جي کاٻي پاسي هڪ بند ڪوٺڙي آهي، اها خبر ناهي هن ۾ ڇا آهي، شايد هي هن لطيفہ ربّاني جي جڳهه هجي جنهن جي ڪري هي خلافت جو حقدار ٿيو آهي، (تفسير نعيمى،پ 1،البقرة،تحت الآية:30، 226/1) ابليس ملائڪن کان پڇيو هِن (يعني حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي) توهان کان

افضل بڻايو ويو ته اوهان ڇا ڪندا؟ انهن چيو: اسان الله پاڪ جو حڪم مڃينداسين، بدبخت شيطان لعين پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو جيڪڏهن مون کان افضل بڻايو ويو ته مان هن جي تابع (پيروي ۾) نه رهندس. (تفسير روح البيان ،پ1،البقره:31، 99/1)

## مشهور غلط فهمي

ڪجھ ماڻھو چوندا آهن ته حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مبارڪ جسم ۾ روح وجهڻ کان پهريان شيطان ان تي مَعاذَالله ٿُڪيو هو انهيءَ ٿُڪ مان ڪتو پيدا ٿيو، هن واقعي جي باري ۾ حضرت مفتي وقار الدين رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪتو بڻجڻ جي هي روايت بي بنياد ۽ لغو (يعني فضول) آهي صحيح روايت ۾ هن جو ڪو تذڪرو نٿو ملي. (وقارالفتاوىٰ، 344/1)

## ڪتي جي آدم جي اولاد سان محبت جو سبب

حضرتِ امام حڪيم ترمذي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ جڏهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي زمين تي موڪليو ته شيطان درندن کي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي خلاف ڀڙڪائي ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪتي سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تي حملو ڪيو. ايتري ۾ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام لڳو ۽ عرض ڪيو: "پنهنجو هٿ انهيءَ تي رکو" حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ايئن ڪيو ته ڪتو سڪون ۾ اچي ويو، مانوس ٿي ويو ۽ سندس جي حفاظت ڪرڻ لڳو، ڪتي جي طبيعت ۾ قيامت تائين اولادِ آدم جي محبت رکي وئي. (الامثال من الڪتاب والسنة، ص27-28ملتقطا)

# جمعي کي جمعي چوڻ جو سبب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جمعي جي معنيٰ آهي جمع ٿيڻ، مڪمل ٿيڻ، جمعي کي جمعو انهيءَ ڪري چوندا آهن جو انهيءَ ڏينهن ۾ حضرت آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) جي جسم شريف جي تڪميل ٿي، فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بهترين ڏينهن جنهن ۾ سج نڪري اهو جمعي جو ڏينهن آهي، انهيءَ ڏينهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا ڪيو ويو، انهيءَ ڏينهن ان کي (جنّت مان زمين تي) لاٿو ويو، انهيءَ ڏينهن ان جي توبہ قبول فرمائي وئي، انهيءَ ڏينهن سندن وفات ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. (ابوداود، 390/1، حديث:1046)

هتي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش مان مراد يا تہ ان جي جسم شريف جي تڪميل آهي، يا جسم شريف ۾ روح ڦوڪڻ مراد آهي، ڇو تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي جسم جي بناوت تہ وڏي عرصي تائين ٿيندي رهي، هر قسم جي مٽي پاڻي جو جمع فرمائڻ پوءِ ان جو خمير ڪرڻ، پوءِ ظاهري باطني عضوا ناهڻ، پوءِ ڪافي ڏينهن تائين سڪائڻ، ان ۾ ڪافي ڏينهن لڳا، هي هڪ ڏينهن ۽ هڪ ساعت (گھڙي) ۾ نہ ٿيو. (مرآة المناجيح،606/7)

دو شنبہ مصطفیٰ کا جمعہ آدم سے بہتر ہے
سکھانا کیا لحاظِ حیثیت خوئے تأمّل کو

الفاظ معنيٰ: دوشنبہ: سومر شريف جو ڏينهن. خوئے تأمل: سوچڻ جي عادت.

شرح ڪلامِ رضا: منهنجي آقا اعليٰ حضرت وڏي پياري ڳالھ ارشاد فرمائي رهيا آهن تہ الله پاڪ جي پياري پياري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي جي ڪري پوري ڪائنات کي پيدا ڪيو ويو

پاڻ نہ هجن ها تہ ڪجھ نہ هجي ها تنهنڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جو ڏينهن سومر شريف جو ڏينهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي يومِ ولادت جمعي جي ڏينهن کان افضل آهي، سوچ ۽ ويچار جي عادت ڪي اهو سمجهڻ مشڪل نہ آهي ڇوتہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جا بہ آقا ۽ سڀني نبين جا سردار، شهنشاهِ ابرار آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انسان جي جسم مان رُوح نڪرڻ وقت تڪليف ڇو ٿيندي آهي؟

الله پاڪ جڏهن روح کي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي جسم ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو تہ رُوح عرض ڪيو: ياالله پاڪ! هي جڳهہ نهايت اُونهي ۽ اونداهي واري آهي. ٽي ڀيرا حڪمِ الٰهي ٿيو ۽ ٽئي ڀيرا رُوح اهو ئي عرض ڪيو تہ الله پاڪ اِشاد فرمايو: نہ چاهيندي داخل ٿي رهيو آهين تہ نڪرڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندئي، اهوئي سبب آهي تہ جڏهن انسان جي رُوح مان جسم نڪرندو آهي تہ سخت تڪليف ٿيندي آهي. (تفسير روح البيان،پ1،100/1البقرة،تحت الآية:31) تفسير نعيمي ۾ آهي تہ ڪجھ روايتن ۾ آهي: جڏهن نور مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان اهو مبارڪ قالب (يعني وجود) جڳمڳايو ويو يعني اهو نور آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيشاني ۾ امانت طور رکيو ويو هاڻي روح آهستي آهستي داخل ٿيڻ لڳو.

(تفسيرِ نعيمى،226/1)

## سڀ کان پهريان ڇڪَ ڪنهن کي آئي

سڀ کان پهريان رُوح مٽي مبارڪ ۾ داخل ٿيو تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڇِڪ آئي، اللّٰه پاڪ سندن دل ۾ اَلحَمدُ لِلّٰه چوڻ جو اِلهام فرمايو تہ پاڻ اَلحمدُ لِلّٰه پڙهيائون ان تي پاڻ اللّٰه ڪريم يَرْحَمُكَ الله فرمايو [1] جڏهن روح چيلهہ مبارڪ تائين پهتو تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام اٿڻ چاهيو پر هيٺ تشريف وٺي آيا ڇو تہ هيٺين حصي تائين اڃان رُوح نہ پهتو هيو، جڏهن سڄي جسم ۾ رُوح پهتو تہ اللّٰه پاڪ سندن کي ارشاد فرمايو: اي آدم! مان ڪير آهيان؟ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: تون اللّٰه آهين تو کان سوا ڪير بہ عبادت جي لائق نہ آهي. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: تو صحيح چيو.(تاريخ ابن عساكر،جلد7/385) ترمذي شريف ۾ آهي اللّٰه پاڪ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي اِرشاد فرمايو: اي آدم! ملائڪن جي ان ويٺل جماعت وٽ وڃ ۽ چئو اَلسَّلامُ عَلَيڪُم، جيئن تہ انهن "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم" چيو تہ ملائڪن جواب ڏنو عَلَيۡكَ السَّلامُ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ پوءِ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ واپس حاضر ٿيا تہ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: هي تنهنجي ۽ تنهنجي اولاد جو پاڻ ۾ سلام آهي. ( ترمذی،5/241، حديث:3379)

---

1... هاڻي بہ ڇڪ ڏيڻ واري کي اَلحمدُ لِلّٰه چوڻ گهرجي ۽ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ يڪدم "يَرْحَمُكَ الله" چوي. (بہار شريعت، 3/477،حصہ:16)
خزائن العرفان صفحه 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇڪ اچڻ تي حمدِ الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي. (550 سنتيں اور آداب ، ص 36 )

## سلام جون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هِن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ سلام ڪرڻ تمام پراڻي سنت آهي، فيضانِ سلام عام ڪيو ۽ خوب رحمتِ خداوندي مان حصو ماڻيو، اَلحمدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سنّتون عام ڪندي ۽ گهر گهر سنَّت جو پيغام پهچائيندي آهي، 72 نيڪ اعمال جي رسالي ۾ نيڪ عمل نمبر 30 آهي:”ڇا اڄ توهان گهر، دفتر، بس، ٽرين وغيره ۾ ايندي ويندي ۽ گهٽين مان گذرندي واٽ تي بيٺل يا ويٺل مُسلمانن کي سلام ڪيو؟

شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں
تری سنّتیں سکھانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اک، ڪن ۽ نڪ ۾ قدرت جا ڪرشما

عظيم تابعي بزرگ اهلِ بيت اطهار جي روشن چراغ، حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڏاڏي (حضرت امام زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) کان روايت ڪن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: ”الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ابن آدم (يعني انسان) جي اکين ۾ ”لوڻياڻي“ رکي چو تہ هي ٻئي چربي جا ٽڪرا آهن جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ هي ڳرِي وڃن ها، الله پاڪ اِبنِ آدم تي مهرباني ڪندي اُن جي ڪنن ۾ ”ڪَوڙاڻ“ رکي جيڪا جِيتَ جَڻيي لاءِ رڪاوٽ آهي، جو تہ جڪڏهن ڪو جِيتُ ڪنَ ۾ داخل ٿي

وجي تہ دماغ تائين پهچي وجي پر جڏهن ڪوڙاڻ چکندو آهي تہ نڪري پجي ويندو آهي، الله پاڪ پنهنجي رحمت سان اِبنِ آدم جي نڪ جي سوراخن ۾ ”حَرارت“ (يعني گرمي) رکي جنهن سان هو بُوءِ سگهندو آهي جيڪڏهن هي نہ هجي تہ دماغ بدبودار ٿي وجي، الله پاڪ اِبنِ آدم تي فضل ۽ احسان ڪندي اُن جي چپن ۾ ”مناڻ“ رکي جنهن جي ذريعي هو ذائقو چکندو آهي ۽ ماڻهو هن جي گفتگو جي مناڻ مان لطف اندوز ٿيندا آهن“.

(حليةالاولياء ،229/3،رقم:3797،الله والوں کی باتیں،285/3)

## ڪير فرمانبرداري ڪندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جڏهن حضرت آدم صفي الله عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو تہ ملائڪن چيو: الله پاڪ اهڙي مخلوق پيدا نہ فرمائيندو جيڪا اسان کان وڌيڪ علم واري ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ اسان کان وڌيڪ عزّت واري هجي. ملائڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ذريعي آزمايا ويا، اهڙي طرح الله پاڪ ٻانهن کي آزمائش ۾ مبتلا فرمائيندو آهي، تہ جيئن ظاهر ٿي تہ ڪير فرمانبرداري ڪري ٿو ۽ ڪير نافرماني ڪري ٿو، ۽ جيڪو دنيا ۽ آخرت جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪندو آهي هو هڪ جي ٻئي تي فضيلت ڄاڻي وٺندو آهي، ۽ سڃاڻي وٺندو آهي تہ دنيا آزمائش جو گهر ۽ فنا ٿيڻ واري آهي، جڏهن تہ آخرت بدلي جو هميشہ باقي رهڻ وارو گهر آهي تنهنڪري (جيڪڏهن توهان طاقت رکو ٿا تہ) انهن ماڻهن مان ٿي وڃو جيڪي دنيا جي ضروت کي آخر جي ضرورت جي خاطر ڇڏي ڏين ٿا، ۽ نيڪي جي توفيق الله پاڪ جي ئي طرفان ملندي آهي.

(تفسير طبری، البقرة، تحت الآية: 30، 242/1، تفسير در منثور ، البقرة:تحت الآية: 219 ، 611/1 ملتقطاً )

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو قد مبارڪ

بخاري شريف ۾ آهي: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو (مبارڪ) قد 60 گز (يعني 90 فٽ) هو، جيڪو به جنَّت ۾ ويندو اهو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي صورت تي هوندو ۽ ان جو قد 60 گز هوندو، پوءِ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان بعد اڄ تائين مخلوق (قد و قامت ۾ ) گهٽ ٿيندي رهي آهي. ( بخاری،164/4، حد يث:6227)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهي حديث شريف جي شرح ۾ لکن ٿا: جنَّت ۾ صرف انسان ئي ويندا جانور يا جنَّات نه ويندا ۽ تمام جنتي انسان آدم عَلَيْهِ السَّلَام جيئن حسين ۽ جميل تندرست هوندا ڪير به بدشڪل يا بيمار نه هوندو ۽ سڀني جو قد 60 هٿ(گز) هوندو ڪو به ان کان گهٽ يا وڌ نه هوندو دنيا ۾ پلي ڪٽي پست (يعني ننڍو) قد هو يا دراز (يعني ڊگهو) قد، ٻار هو يا پوڙهو، پر هي ڪمي دنيا ۾ آهي آخرت ۾ جنت ۾ پوري ڪئي ويندي.

(مرآة المناجيح، 313/6-314 ملتقطا)

اي عاشقان رسول! بظاهر ايترو ڊگهو قد هئڻ عجيب ۽ ناممڪن معلوم ٿئي ٿو، پر الله پاڪ جي قدرت تي نظر ڪئي وڃي ته نه هي اهو عجيب آهي نه ئي نا ممڪن، جو ته الله پاڪ ايتري ڊگهي قد وارو انسان بڻائڻ تي بلڪل قادر آهي.

ہے پاک رُتبہ فکر سے اُس بے نیاز کا    کچھ دَخل عقل کا ہے نہ کام اِمتیاز کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سڀ کان افضل مخلوق

عظيم تابعي حضرت سعيد بن جبير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اولادِ آدم جو پاڻ ۾ ان ڳالھ تي جهيڙو ٿيو تہ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت واري کهڙي مخلوق آهي؟ ڪن چيو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ڇو تہ الله پاڪ ان کي پنهنجي دست قدرت سان پيدا فرمايو، ملائڪن کي ان جي اڳيان سجدو ڪرايو، ڪن چيو: الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت واري مخلوق ملائڪ آهن جيڪي انهن جي نافرماني ناهن ڪندا، ٻين چيو: اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام فيصلو ڪندا پوءِ انهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري انهيءَ ڳالھ جو سوال ڪيو، تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: منهنجو پٽ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مخلوق ۾ سڀ کان افضل آهن، الله پاڪ جڏهن منهنجي اندر روح ڦوڪيو ۽ منهنجو روح پيرن تائين پهچي ويو تہ مان اطمينان سان ويهي رهيس، پوءِ منهنجي لاءِ عرش جي بجلي چمڪي ۽ مون عرش تي نظر ڪئي تہ ان تي"مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله" لکيل هو تنهنڪري الله پاڪ جي ويجهو ماڻهن ۾ سڀ کان افضل حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات آهي. ( تاريخ ابن عساکر،386/7،رقم:578)

ظاہر میں میرے پھول حقیقت میں میرے نخل　　اِس گل کی یاد میں یہ صدا بوالبشر کی ہے

(حدائق بخشش ،ص208)

**الفاظ معنيٰ:** گُل: گُل،صدا: آواز، ابوالبشر: تمام انسانن جو والد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام

شرح ڪلامِ رضا: حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام اسان جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هِن طرح ياد فرمائيندا هيا ”يَاابْنِيْ صُوْرَةً وَّمَعْنىً اَبِيْ“ يعني اي منهنجا پٽ توهان صورت ۾ منهنجا پٽ آهيو پر حقيقت ۾ توهان منهنجا والد آهيو ڇو ته جيڪڏهن توهان نه هجو ها ته مان به نه هجان ها بلڪ ڪجهه نه هجي ها.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے

(حدائقِ بخشش، ص178)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنتي ۽ جهنمي

اللّٰه پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا ڪيو پوءِ ان جي پُٺي تي پنهنجو سڄو هٿ گهمايو، ته ان مان حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي اولاد پيدا ٿئي. اللّٰه پاڪ فرمايو: مون انهن کي جنت جي لاءِ پيدا فرمايو آهي، هي جنتين وارا ڪم ڪندا. پوءِ ٻيهر حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پٺي تي هٿ گهمايو، ته ان مان اولاد پيدا ٿئي، پوءِ اللّٰه پاڪ فرمايو: مون انهن کي دوزخ جي لاءِ پيدا ڪيو آهي هي دوزخين وارا ڪم ڪندا. (ترمذي، 5/52، حديث: 3086)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه حديث پاڪ جي هن حصي (حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پٺي تي سڄو هٿ گهمايو) جي باري ۾ فرمائن ٿا: هي عبارت متشابهات منجهان آهي. يعني ان جي پشت مبارڪ تي توجهءِ قدرت فرمائي، ڇو ته اللّٰه پاڪ هٿ جي

ظاهري معنىٰ ۾ ساڄي کاٻي کان پاڪ آهي، نطفو مرد جي پٺي ۾ هوندو آهي، ان ڪري توجهه پٺي تي فرمائي. (مرأة المناجيح، 1/104)

## حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جو حسن!

هڪ ٻئي روايت ۾ آهي: جڏهن الله پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو ۽ ان جي پُٺي تي هٿ ڦيريو تہ هن جي پٺي مان پوري قيامت تائين ان جي اولاد جا روح پيدا ٿيا، جنهن کي الله پاڪ پيدا ڪندڙ آهي. ۽ ان مان هر انسان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ نور جي چمڪ ڏني. پوءِ انهن کي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مٿان پيش ڪيو! حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: ياالله پاڪ هي ڪير آهن؟ الله پاڪ فرمايو: تنهنجي اولاد. هنن مان هڪ مرد کي ڏٺائين، تہ ان جي اکين جي وچ واري چمڪ پسند آئي. حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا رب! هي ڪير آهي؟ الله پاڪ فرمايو: داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام. حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا رب هن جي عمر ڪيتري مقرر فرمائي آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: 60 سال. حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو تہ منهنجي عمر منجهان 40 سال هن جي عمر وڌائي ڇڏ. (ترمذي، 5/53، حديث: 3087)

## ڇا انسان پهرين پولڙو هو؟

بانيءِ دعوت اسلامي شيخ طريقت امير اهل سنت حضرت علامہ و مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ارشاد فرمائن ٿا تہ: ڪافي پراڻي ڳالهہ آهي، تہ منهنجو ڪنهن دنياوي پڙهيل لکيل ماڻهو سان واسطو پيو، ڳالهين ئي ڳالهين ۾ خبر

ناهي ڪيئن هو انسان جي تخليق جي باري ۾ بحث ڪرڻ لڳو ته قرآن پاڪ انسان جي پيدائش جي باري ۾ چئي ٿو ته حضرت آدم صفي الله عَلَيۡهِ السَّلَام مان پيدا ٿيو ۽ انهي مان ئي انسان جو نسل هليو. جڏهن ته ڊارون چئي ٿو ته انسان پولڙي مان وجود ۾ آيو. ان کان پوءِ هن هي بڪيو ته "ڊارون جي ڳالھ ٿوري گهٽي سمجھ ۾ اچي ٿي" اهو ٻڌي ڪري آئون بلڪل پريشان ٿي ويس ته هن ته پنهنجي ايمان جو جنازو ڪڍي ڇڏيو، ڇوته هن قرآن پاڪ تي شڪ ڪيو ۽ چيو ته "ڊارون جي ڳالھ ٿوري گهٽي سمجھ ۾ اچي ٿي". قرآن جي مقابلي ۾ ڪنهن جي ڳالھ ٿوري به سمجھ ڇو اچي؟ اهڙي سمجھ ڪي ڇُلھ ۾ وجهڻ ڪپي، هي ڪهڙي ڪم جي آهي؟ بهرحال پوءِ مون موقعو ملندي ئي اُن کي سمجهائي توبه ڪرائي ۽ ڪلمو پڙهايو ته هي ڳالھ تو اسلام کان خارج ڪندڙ ڪئي آهي.

(ملفوظات امير اهل سنت قسط: 51)

## تخليق انساني جي حوالي سان درست ۽ اسلامي عقيدو

مسلمانن جو عقيدو آهي ته انسانن جي شروعات حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان ٿي ۽ انهيءَ ڪري پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي اَبُوالبشر يعني انسانن جو پيءُ چيو وڃي ٿو. ۽ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام مان انسانيت جي ابتداء ٿيڻ وڏي قوي (يعني مضبوط) دليل سان ثابت آهي مثال طور انسانن جي آدم شماري مان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ کان سؤ سال پهرين انسانن جو تعداد اڄ کان گهٽو گهٽ هو ۽ ان کان سؤ سال پهريان اڃان به گهٽ هيو اهڙي طرح ماضيءَ ڏانهن هلندي هلندي هِن ڪميءَ جي انتها هڪ ذات قرار پائيندي ۽ اها ذات حضرت آدم

عَلَيْهِ السَّلَام آهن يا ايئن چئجي تہ قبيلن جو گھٽجو تعداد هڪ شخص تي وڃي ختم ٿئي ٿو مثال طور سيّد دنيا ۾ ڪروڙين پاتا وڃن ٿا پر سندن انتها رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ ذات تي ٿيندي، ايئن ئي بني اسرائيل ڪيترائي گھڻا هجن پر انهن سڀني جي ڪثرت جو اختتام حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ ذات تي ٿيندو، هاڻي اهڙي طرح اڳتي هلڻ شروع ڪجي تہ انسان جي تمام ڪُٽنبن، قبيلن جي انتها هڪ ذات تي ٿيندي، جنهن جو نالو تمام آسماني ڪتابن ۾ آدم آهي ۽ اهو تہ ممڪن ناهي تہ اهو هڪ شخص پيدائش جي موجوده طريقي سان پيدا ٿيو هجي يعني ماءُ پيءُ مان پيدا ٿيو هجي، ڇو تہ جيڪڏهن ان جي لاءِ پيءُ فرض بہ ڪجي تہ ماءُ ڪٿان اچي ۽ وري جنهن ڪي پيءُ مڃيو اهو ڪٿان آيو؟ لهذا ضروري آهي تہ ان جي پيدائش ماءُ پيءُ کان بغير هجي ۽ جڏهن بغير ماءُ پيءُ جي پيدا ٿيو تہ باليقين اهو هِن طريقي کان هٽي ڪري پيدا ٿيو ۽ اهو طريقو قرآنِ پاڪ ٻڌايو تہ الله پاڪ اُن کي مٽي مان پيدا ڪيو جيڪا انسانن جي رهائش يعني دنيا جو بنيادي جز آهي. پوءِ اهو بہ ظاهر آهي تہ جڏهن هڪ انسان ايئن وجود ۾ اچي ويو تہ ٻيو اهڙو وجود گهرجي جنهن سان نسلِ انساني هلي سگھي تہ ٻئي کي بہ پيدا ڪيو ويو پر ٻئي کي پهرين وانگر مٽي مان بغير ماءُ پيءُ جي پيدا ڪرڻ جي بدران جيڪو هڪ شخص انساني موجود هو انهيءَ جي وجود مان پيدا ڪري ڇڏيو ڇو تہ هڪ انسان جي پيدا ٿيڻ سان نوع پيدا ٿي چڪي هئي جيئن تہ ٻيو وجود پهرين وجود کان ڪجھ گهٽ ۽ عام انساني وجود کان بلند تر

طريقي سان پيدا ڪيو ويو يعني حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي هڪ کابي پاسراٽي اُن جي آرام دوران ڪڍي ۽ ان مان حضرت بي بي حوَّا رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا کي پيدا ڪيو ويو، جو تہ حضرت بي بي حوّا رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا مرد ۽ عورت واري ٻنهي جي ميلاپ مان پيدا نہ ٿي انهيءَ ڪري هوءَ اولاد نٿي ٿي سگهي. (تفسير صراط الجنان ، پ4 ، النِّساء ، تحت الآية :2‚139/1بتغير قليل)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنۡ شَآءَ اللّٰہ عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنۡ شَآءَ اللّٰہ عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net